Info@cpsd.org.pk

CPSD
CENTRE FOR PEACE, SECURITY AND DEVELOPMENTAL STUDIES

# ڪراچي عروس البلاد

پاڻي تڪرار يا مقابلي جو سبب بڻجڻ بدران مجموعي حفاظت ۽ ترقي جو سبب هجڻ گهرجي. اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته پاڻي بنا زندگي جو تصور ئي ممڪن ناهي. انهيءَ ڪري بنيادي طور تي اهو اسان جي وجود جي مسئلي سان گڏ سيني جي اخلاقي ذميواري پڻ هجڻ گهرجي گڏيل قومن جو ڊپٽي سيڪريٽري جنرل، جان ايليئسن

پاران ڪراچي جي مسئلن تي گڏجاڻيون ڪوٺائي رهيو آهي. جنهن ۾ مرحليوار سلسلي ذريعي CPSD ،امن، حفاظت ۽ ترقي وارو ادارو ڪراچي جي مسئلن تي مختلف ماهرن سان گڏجي پاڻي، صحت، تعليم، توانائي ۽ انساني پلائي بابت ڪانفرنسون ڪرايون وينديون

ڪراچي پاڪستان جو نه صرف آبادي جي لحاظ کان وڏو شهر آهي، پر ان ۾ مختلف قومن، طبقن ۽ ثقافتن جا ماڻهو وسن ٿا، جيڪو ملڪ جي معيشت لاءِ ڪرنگهي واري هڏي جي حيثيت رکي ٿو. ان جي ترقي ۽ وسيلن جو صحيح استعمال ملڪ جي سماجي ۽ معاشي ترقي سان سڌي ريت ڳنڍيل آهي. هي شهر ۾ ڏهاڪن تائين وڏي بحران مان گذرڻ ڪانپوءِ خاص ڪري دهشتگردي ۽ تشدد واري سياست جي خاتمي ڪانپوءِ آيل امن کي برقرار رکڻ لاءِ شهر ۾ هاڻي بهتر ۽ مستقل حڪمراني قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي جي باري ۾ عمومي راءِ اها آهي ته ڪيس هميشه نظر انداز ڪري، گهٽ ترقي يافتا ۽ سندس انتظامي معاملن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. اهو بنيادي سهولتن جي اثاث مان پڻ واضح آهي. شهر ۾ صاف، پيئڻ جي لائق پاڻي سميت بنيادي استعمال هيٺ ايندڙ پاڻي جي کوٽ آهي. سڄي شهر ۾ پاڻي جي کوٽ جو سبب انتظامي نااهلي سان گڏ عالمي سطح تي ماحولياتي تبديلي سان پڻ جڙيل رهي آهي.مجموعي حالتون سامهون رکندي، سي پي ايس ڊي جو مقصد اهڙو پليٽ فارم مهيا ڪرڻ آهي، جتي پاڻي کوٽ جي نشاندگي ڪرڻ سان گڏ ان جا حل پيش ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي ويندي

پاڻي جي حوالي سان ڪم ڪندڙ عالمي تنظيم واٽر ايڊ پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي ته پاڪستان انهن 36 ملڪن منجهه شامل آهي، جيڪي پاڻي جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن. جيڪا صورتحال ملڪ جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچي ۾ بلڪل واضح آهي، جتي پاڻي کوٽ گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان شهري زندگي کي تمام گهڻو متاثر ڪري رهي آهي.

ان کان علاوه ڪراچي شهري آبادي کان ٻاهريان يعني ڳوٺاڻن آبادي وارا علائقا پڻ پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ يا ته هترادو کوتيل کوهن تي ڀاڙيندا رهيا آهن يا ڊرلنگ ذريعي جر واري پاڻي تي گذاريو ڪري رهيا آهن)جيڪو جر وارو پاڻي پڻ سينڪئي جو مقدار وڏي رهيو آهي). انهيءَ طريقن سان حاصل ڪيل پاڻي نه پيئڻ لائق آهي پر ان سان گڏ اهو انساني صحت لاءِ پڻ هاجيڪار آهي. ڪراچي ۾ پاڻي جو ’مسئلو‘ ’بحران‘ ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. اهو بحران شهر جي معاشي سرگرمين تي ناڪاري اثر ڇڏڻ سان گڏ ڪراچي واسين جي مجموعي صحت لاءِ هاجيڪار ثابت ٿي رهيو آهي.

ان حوالي سان سي پي ايس ڊي ڪراچي ۾ پاڻي جي بحران ۽ ان جي حل لاءِ پهرين رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ’ڪراچي عروس البلاد‘ جي عنوان هيٺ ڪرائي رهيو آهي. ان ڪانفرنس ذريعي نه صرف پاڻي کوٽ جهڙي اهم مسئلي جي مڪمل نشاندگي ڪئي ويندي پر ان جا عملي طور حل پڻ پيش ڪيا ويندا. ان حوالي سان سڀ کان اهم مسئلو پاڻي جي سار سنڀال نه ٿيڻ ۽ پاڻي بابت نااهل نامناسب ماحوليات واري پاليسي مٿان وسيلن جو زيان سان گڏ موجوده پاليسين مٿان عمل نه ٿيڻ آهي. گڏو گڏ ڪراچي جي پاڻي مٿان مقامي مافيا جو قبضو پڻ هڪ اهم مسئلو آهي جنهن تي پڻ غور ڪرڻ جي ضرورت آهي

شهري آبادي جي تيزي سان وڌڻ، وسيلن جي کوٽ ۽ تيزي سان تبديل ٿيندڙ ماحوليات سبب لکين ماڻهو پاڻي کوٽ جو شڪار ٿي رهيا آهن. هن رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ذريعي سي پي ايس ڊي ڪراچي ۾ پاڻي جي بحران جي حوالي سان نوان خيال ونڊڻ سان گڏ ان بابت پاليسي پڻ پيش ڪندي ته جيئن پاڻي کوٽ جي اهم مسئلي کي منهن ڏئي سگهجي. اها پاليسي ان ڪانپوءِ لاڳاپيل اختيارين کي لاڳو ڪرڻ جي پڻ سفارش ڪئي ويندي.

021 34372720 - 2
House No. D-127 KDA Scheme1
Tipu Sultan Road, Karachi
cpsd.org.pk